# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| ڳوٺ ٻہ پنهنجا، شهر ٻہ پنهنجا | امداد حسيني | 07 |
| ليکڪ پاران | ستار پيرزادو | 14 |
| منهنجي ڳوٺ جا صاحبِ ڪتاب ليکڪ | | 21 |
| 1. رحمت الله اول | | 23 |
| 2.فقير يار محمد | | 36 |
| 3. مير محمد | | 46 |
| 4. انور | | 59 |
| 5. ستار | | 81 |
| 6. ملڪ خاتون | | 102 |
| 7.فيض الله | | 113 |
| 8. شاھ محمد | | 128 |
| 9. غوث | | 141 |




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شــورا كــين ۾ وجهــي ،نــازڪ نهارينــدو نــہ ڪــر،
برهــہ ۾ بيمــار آهيــان، محــب مارينــدو نــہ ڪــر.

دلربا ديدار قسمت سان ڪڏهن ٿئي ٿو نصيب،
درد جــو دونهــون دکــائي آگ ٻارينــدو نــہ ڪــر.

هڪ وڇوڙي جــي ڏکــن ڪــان ٿيا نــوان ناسور مــون
ٻيــو هٽــي ديــدان دونــاليون ســاهہ ســاڙيندو نــہ ڪــر

عشق تنهنجــي ۾ مٺــا هــڏ مــاس منهنجــو ويــو ڳــري،
رنــج ويتــر ڏئــي واڌارو محــب ڳارينــدو نــہ ڪــر.

رحمــت الله کــي پيــاري جــام وصــلت جــو مٺــا،
پــوءِ وري پــاٽــي جــدائيءَ جــو پيارينــدو نــہ ڪــر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دوھا

پنھنجون دانھون پاڻ گھٽيم ،پر پوءِ به اچي پڙلاءُ،
اسان تو لئه آتا آھيون، آءَ ته وري او سرتا واءُ!

اور ڪا ويٺا چورڪٽي آ ساھڻ جي سنگيت،
منھن اونداھي ميت ، اسان جي پڙھه رقتي پيت.

آءَ تلي تٿگور اسان وٽ، ڏاڍي آھي اُشّاٿ،
تنھنجي آڏر ڏيئو ٻاري، ڳولي ڪائي وَاٽ.

چنڊ نشي ۾ تيز تو ڪائي ، روئي ھاري ماڪ،
تنھنجي ڪوني خالي ڇو آ، ڪاڏي ويا سڀ پياڪ.

منھنجي موت پڇاڙا منڙا، مينمن ڪري جي وسَ،
سارا پوتا پسجانءِ ساتي، گھمجانءِ سارا گس .

چوڏھينءَ جي تي چانڊوڪي، چمندس تنھنجو مُک،
پنھنجا ڳوڙھا ماڪ وھائي، ڏوريندس ايئين ڏُک.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ٽيڙو

سج نہ سنيران سُور سوا،
سُک نہ منهنجا ساٿي ڙي،
ڏک نہ ڪڏهين ڏور ٿيا.

❋

ڪيڏي ٿڌڙي ڇانءَ،
جهڙي نم جي هاڙهہ ۾،
وٿان ٿنهنجو ناٺءُ.

❋

هُر لو لوٿو مالهہ،
پاٽي نيسر مان اُڙهو
آنواندو پڳو ڪالهہ.

❋

ٿو لئہ منهنجا انگ،
لرزن، ڪچن ڪينڪي،
هوا ۾ ڪٽڪ جا سنگ.

❋

چٽن سرنهن جو ساڳ،
واهہ منهنجي پاپڙي،
ڪيڏو ٿنهنجو ڀاڳ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نظم

تنھنجي ياد،
سگريٽ جي دونھين جيان،
وڪوڙي،
جڏھن چڙي ٿي،
تڏھن منھنجو من،
ڳاڙھي ٿلي مان ڌڪي،
خاڪ ٿيو وڃي.

## نظم

ڏُور اُفق جي ڪناري ۾،
مون ٻه پکي ڏٺا.
ھڪ ٻئي سان چنھنبون ملائي،
جدا ٿي ويا......
مون سوچيو
زندگي ملي جدا ٿيڻ،
۽ جدا ٿي ملڻ جو نالو آھي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ترائيل

تون جڏهن چيير ٻڏي دل ۾ هلي ايندي آن،
رات جي سانت ۾، ياد جو ويس ڍڪي.
سڪ جي سمنڊ مان پري، ڪيئي وٿيون ڏيندي آن،
تون جڏهن چيير ٻڏي، دل ۾ هلي ايندي آن.

تون سجي ماحول کي ، مدهوش ڪري ويندي آن،
رُوپ کي،سونهن کي، چانڊوڪيءَ ۾ ڍڪي.
تون جڏهن چيير ٻڏي ، دل ۾ هلي ايندي آن،
رات جي سانت ۾، ياد جو ويس ڍڪي.

*****

نيري اُڀ تي اڇي جهڙ جون، ڪڪريون وڪريون پيون آهن،
هوا جي رخ تي هيڏي هوڏي، بيوس ڪيڏو اُڏرن ٿيون.
چڙ ڪنهن من جون آسون ٻٽجي، ٻاقي اکين مان اُڏيون آهن،
نيري اُڀ تي اڇي جهڙ جون، ڪڪريون وڪريون پيون آهن.

چڙ ته امن جي جهنڊي جون ڪي، وڪريل وڪريل چيهون آهن،
چڙ تہ ڦتيون ڪي ووٽن ۾، ڪنهن بم لڳڙ سان اُڏرن ٿيون .
نيري اُڀ تي اڇي جهڙ جون، ڪڪريون وڪريون پيون آهن،
هوا جي رخ تي هيڏي هوڏي، بيوس ڪيڏو اُڏرن ٿيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

تون بہ ان کي ڏي چڏي،
مان بہ ان کي ٿو چڏيان،
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.
دُر چَڦ جي ڇان ۾،
تون آءُ، مان پکڙا اڏيان.
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.
چنڊ جي تصوير ۾،
آءُ ڪنهنکي پيو سڏيان.
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.
ننڊ جا ڏا ڳا نهوڙي،
تو گڦائن سان گڏيان.
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.
روح تي رسوا ويو آ،
لُوءِ مان جيڪر لڏيان.
ڳالهہ جا اڌ ۾ رهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

